SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1987

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1987

سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XXIV of 1974

3. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۾ ڪجهه دفعات جو واڌارو
Insertion of certain sections in Sindh Act XXIV of 1974

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1987

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1987

سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[6 آڪٽوبر 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن

کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 26 اپريل 1987 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XXIV of 1974

2. سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 ۾، لفظن "هڪ سئو پنجويهہ رپيا" کي لفظن "هڪ سئو پنجاهہ رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۾ ڪجهہ دفعات جو واڌارو
Insertion of certain sections in Sindh Act XXIV of 1974

3. چاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 4 کانپوءِ، هيٺيان نوان دفعات شامل ڪيا ويندا:

"4_A رهائش: (1) پارلياماني سيڪريٽري کي هڪ سرڪاري رهائشگاهہ بنا پاڻي جي مهيا ڪئي ويندي.

(2) جتي پارلياماني سيڪريٽري کي سرڪاري رهائشگاهہ نہ فراهم ڪئي وڃي يا اهو نجي رهائشگاهہ ۾ رهڻ جي ترجيح ڏئي، ڪيس گهر جو پاڻو هڪ هزار پنج سئو رپيا ماهوار جي حساب سان ڏنو ويندو.

4_B پيون سهولتون. پارلياماني سيڪريٽري کي ڏنيون

ويندیون:

(i) کل وقتي استينو ٽائيپسٽ ۽ هڪ نائب قاصد جون خدمتون؛

(ii) رهائشي ٽيليفون جون رينٽل چارجز ۽ ان تان کيل سرڪاري ڪالز جيڪي سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون، مراعتون ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1974 جي دفعہ 6 جي شق (b) تحت اسيمبلي ميمبر طور ڏني ويندڙ معاوضي کان هڪ پاڻي ٽي کان وڌيڪ نہ هوندیون.

4_C موڪل. (1) پارلياماني سيڪريٽري کي غير حاضري جي موڪل وڏي وزير طرفان هڪ وقت تي يا وقت بہ وقت ڏني ويندي، صحت جي معاملن لاءِ يا نجي معاملن لاءِ، جيڪا سندس آفيس جي مدي دوران ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هوندي.

(2) پارلياماني سيڪريٽري کي سندس پگهار برابر موڪل جو الائونس ڏنو ويندو.

4_D سفر جو الائونس. (1) پارلياماني سيڪريٽري کي پارلياماني سيڪريٽري جون ذميواريون نيائڻ لاءِ سرڪاري دوري جي سلسلي ۾ سفر جو الائونس هڪ اسيمبلي ميمبر جي اسڪيل برابر ڏنو ويندو.

(2) وزير جنهن سان پارلياماني سيڪريٽري لاڳاپيل آهي، سفر جي الائونس جي مقصد لاءِ سندس ڪنٽرولنگ آفيسر هوندو."

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.